# سنڌ ايڪٽ نمبر. **VII**، مجريه **1974**
# SINDH ACT NO.VII OF 1974
# اولهه پاڪستان جي جانورن جي ذبح تي ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ **1974**
# THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

فهرست **(CONTENTS)**


تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر 3 مجريه 1963 جي دفعه نمبر 2 ۾ تبديلي.

# سنڌ ايڪٽ نمبر. **VII**، مجريه **1974**
# SINDH ACT NO.VII OF 1974
# اولهه پاڪستان جي جانورن جي ذبح تي ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1974
# THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

[3 اپريل 1974]

تمهيد

هن ايڪٽ جي وسيلي سان اولهه پاڪستان جي جانورن جي ذبح تي ضابطي وارو ايڪٽ، 1963 جي اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.ته جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

هن ايڪٽ جي وسيلي سان اولهه پاڪستان جي جانورن جي ذبح تي ضابطي وارو ايڪٽ، 1963 جي اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هن ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي.

اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر 3 مجريه 1963 جي دفعه نمبر 2 ۾ تبديلي.

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان جي جانورن جي ذبح تي ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1974سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم سان لاڳو ٿيندو.

2. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر 3 مجريه 1963 کي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ان جي دفعه 2 جي شق (k) ۾ هيءَ تبديلي آندي ويندي.

"(k ) مفيد جانور معنيٰ:

(i) اهو جانور جيڪو هڪ سال جي ڄمار جو هجي.

(ii)رڍ يا ٻڪري جنهن جي عمر هڪ سال کان مٿي هجي پر ٽئن سالن کان مٿي نه هجي، جيڪا ڏُڪي هجي يا ڦر ڏيڻ جي لائق هجي.

(iii) رڍ ۽ ٻڪريءَ کانسواءِ اهو مادي جانور جنهن جي

عمر سال کان مٿي هجي پر ٽن سالن کان مٿي نه هجي.

(iv) رڍ ۽ ٻڪريءَ کانسواءِ ٻيو جانور جيڪو ڏُکو هجي يا کير ڏيندڙ هجي يا ڦر ڏيڻ جي لائق هجي.

(v) نر جانور البته رڍ ۽ ٻڪريءَ کانسواءِ جنهن جي عمر ٽن سالن کان مٿي هجي پر ڏهن سالن کان مٿي نه هجي، جيڪو چڙهي وهيءَ جي لائق هجي.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**